SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.III OF 2002
سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002
THE SINDH INFORMATION BOARD ORDINANCE, 2002
فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. هيئت
Incorporation

3. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

4. بورڊ جا ڪم ۽ اختيار
Functions and powers of the Board

5. چيئرپرسن جا ڪم
Functions of the Chairperson

6. اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers

7. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

8. بورڊ جا ملازم

Employees of the Board

9. فنڈ

Fund

10. بجٹ، آڈٹ ءٍ اکائونٹس

Budget, audit and accounts

11. ھدایت ڈیٹ لاءِ حکومت جو اختیار

Power of Government to give directions

12. سالياني رپورٹ

Annual Report

13. قاعدا

Rules

14. ضابطا

Regulations

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.III OF 2002
سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002
THE SINDH INFORMATION BOARD ORDINANCE, 2002

[10 جنوري 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ بورڊ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ بورڊ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڈ آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.	شروعات Short title and commencement
2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:	
(a) "بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت جوڙيل بورڊ؛	
(b) "چيئرپرسن" مطلب بورڊ جو چيئرپرسن؛	
(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛	
(d) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛	
(e) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛	
(f) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.	
3.(1) حڪومت هڪ بورڊ قائم ڪندي جنهن کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ سڏيو ويندو.	هيئت Incorporation
(2) بورڊ ڪارپوريٽ باڊي هوندو جنهن کي ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.	
4. (1) بورڊ چيئرپرسن، وائيس چيئرپرسن ۽ يارنهن ميمبرن تي مشتمل هوندو، جن مان ڇهہ ۾ ڇهہ پنج ميمبر حڪومت طرفان نجي سيڪٽر مان مقرر ڪيا ويندا.	بورڊ جي جوڙجڪ Constitution of the Board
(2) چيئرپرسن جا شرطون ۽ ضابطا حڪومت طرفان طئي ڪيا ويندا.	
(3) سرڪاري ميمبر ڪانسواءِ بورڊ جو ميمبر حڪومت جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندو.	
(4) سرڪاري ميمبر ڪانسواءِ هڪ ميمبر ڪنهن بہ وقت پنهنجي هٿ اکرين لکت ۾ حڪومت کي خط ذريعي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.	

(5) بورڊ ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو پر اهڙي شخص کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

(6) بورڊ جو ڪو قدم، ڪارروائي يا فيصلو بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

بورڊ جا ڪم ۽ اختيار
Functions and powers of the Board

5. (1) بورڊ اهڙا سمورا قدم کڻندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي اهو هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، بورڊ هيٺيان ڪم ڪري سگهي ٿو:

(a) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ۽ ترقي ونڊائڻ؛

(b) هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ ڪا اسڪيم جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ؛

(c) بهتر ڪاروهنوار لاءِ ضروري سامان خريد ڪرڻ؛

(d) تحقيق، مشاورتي ۽ صلاحڪاري خدمت لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ انهن سان بين ادارن يا پبلڪ يا پرائيويٽ باڊيز، عالمي ڊونر ايجنسيز ۽ پرڏيهي حڪومتن سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾ شامل ٿيڻ؛

(e) انفارميشن ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل صنعت ۽ تجارت کي هٿي ونڊائڻ؛

(f) قابليت رکندڙ ماڻهن جو اهڙو انگ پگهار تي رکڻ جيڪي بورڊ جي بهتر نموني ڪم ڪار لاءِ گهربل هجن؛

(g) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي مختلف شعبن ۾

سيڙپڪاري جي سهولت فراهم ڪرڻ؛

(h) بيان ڪيل شرطن موجب انفارميشن ٽيڪنالاجي تعليم ۾ تربيت جي معيار ۾ ڪوالٽي ڪنٽرول لاءِ سنڌ ايڪريڊيٽيشن ڪائونسل قائم ڪرڻ؛

(i) اهڙا ٻيا قدم کڻڻ ۾ اهڙيون ٻيون شيون ڪرڻ جيڪي هن بورڊ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

چيئرپرسن جا ڪم
Functions of the Chairperson

6. چيئرپرسن اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي قاعدن ۾ بيان ڪيا ويا هجن يا ڪيس بورڊ پاران سونپيا ويا هجن.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers

7. (1) بورڊ پنهنجا ڪي به اختيار چيئرپرسن، وائيس چيئرپرسن يا بورڊ جي ڪنهن به عملدار کي بورڊ جي بهتر نموني ڪم لاءِ سونپي سگهي ٿو.

(2) چيئرپرسن پنهنجا ڪي به اختيار بورڊ جي ڪنهن به عملدار کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

8. (1) بورڊ طرفان حل طلب ڪو به معاملو بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن جي اڪثريتي ووٽ سان حل ڪيو ويندو.

(2) بورڊ جي گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ۾ اهڙي وقت ۾ هنڌ تي ڪوٺائي ويندي، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا ناهن ويا، گڏجاڻيءَ اهڙيءَ ريت ڪوٺائي ويندي، جيئن چيئرپرسن هدايت ڪري.

(3) هر ميمبر کي هڪ ووٽ حاصل هوندو ۽ برابر ٽيڻ جي صورت ۾، چيئرپرسن کي ڏيڻ لاءِ هڪ ووٽ حاصل هوندو.

بورڊ جا ملازم

9. بورڊ اهڙا عملدار، صلاحڪار، مشير ۽ استاف مقرر ڪري

سگهي ٿو جيڪي ان جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري هجن ۽ اهڙيءَ ريت ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن بورڊ طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

Employees of the Board

فنڊ

10. (1) هڪ فنڊ هوندو، جنهن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو بورڊ ۾ هوندو ۽ جنهن ۾ حڪومت يا ڪنهن بادي، اٿارٽي طرفان ڏنل فنڊز جي مد ۾ رقم جمع ڪئي ويندي ۽ رقمون جيڪي بورڊ طرفان وصولي لائق هونديون.

Fund

(2) فنڊ اهڙيءَ ريت تحويل ۾ رکيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت استعمال ڪيو ۽ هلايو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بجٽ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

11. بورڊ جي بجيٽ اهڙي ريت تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس ايئن رکيا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

Budget, audit and accounts

هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار

12. (1) حڪومت ڪنهن به وقت تي بورڊ کان ڪي به دستاويز، ريٽرنس، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس يا ڪا بي معلومات ڪنهن معاملي جي حوالي سان طلب ڪري سگهي ٿي، جيڪا برورڊ جي ضابطي ۾ هجي ۽ بورڊ اهڙي گُهر تي عمل ڪندو.

Power of Government to give directions

(2) حڪومت وقت بوقت هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي اها رهنمائي لاءِ ضروري سمجهي ۽ بورڊ طرفان انهن تي عمل ڪيو ويندو.

سالياني رپورٽ

13. بورڊ هر مالي سال جي پوري ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي ان سال جي معاملن بابت حڪموت کي سالياني رپورٽ جمع ڪرائيندو.

Annual Report

14. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.	قاعدا Rules
15. هن آرڊيننس ۽ قاعدن موجب بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.	ضابطا Regulations

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي